هفتيوار رسالو

# شڪر جون برڪتون

(سنڌي)



نعمتن جي ياد سان محبتِ الٰهي ۾ اضافو

هڪ شخص جي برڪت سان سڀني جون حاجتون پوريون

هلاڪت کان محفوظ

وظائف جي اثر ڪرڻ ۾ شرائط

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

رسالي جو نالو: **شُڪر جون برڪتون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

پهريون دفعو : محرم 1447هہ جولاءِ 2025 ع

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اِڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# شُڪر جون برڪتون

**ترجمو**

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# پهرين هن کي پڙهو

عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي مجلس " المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)" جي طرفان ڪجهه سال پهريان بہ ڪتاب "اَلشُّکْرُ لِلّٰهِ" (اردو نالو: شڪر جا فضائل) ۽ "جلد بازي جا نقصان" جاري ٿيا، اهي بئي ڪتاب پڙهڻ هر مسلمان لاءِ تمام گهڻو فائديمند آهي. "اَلشُّکْرُ لِلّٰهِ"ڪتاب تقريبن ساڍا يارهن سئو سال اڳ جي عظيم بزرگ حضرتِ امام ابوبڪر عبدالله بن محمد قرشي المعروف امام ابن ابي دنيا رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جو آهي، جنهن جو هاڻ سنڌي نالو "شڪر جا فضائل" آهي، جڏهن تہ ڪتاب "جلد بازي جا نقصان" المدينة العلميہ جي شعبي "اصلاحي ڪتب" جي طرفان تيار ڪيو ويو. اهي بئي ڪتاب پنهنجي موضوع ۽ مضمون جي اعتبار سان تمام گهڻا پيارا آهن. اميرِ اهلِ سنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪيترائي ڀيرا مدني مذاڪري ۾ "شڪر جا فضائل ڪتاب" پڙهڻ جي ترغيب ڏني آهي. الحمدُ لله! هن رسالي ۾ انهن بنهي ڪتابن جي مختلف جاين تان ڪجهه اهم ڳالهيون گڏ ڪيون ويون آهن. هن رسالي کي پڙهڻ سان علمِ دين جو شوق رکندڙن جو بنهي ڪتابن کي پڙهڻ جو ذهن بڻجندو. رضاءِ الٰهي ۽ حُصولِ ثواب لاءِ پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجن مرحومن جي ايصالِ ثواب لاءِ تقسيم بہ ڪريو. الله پاڪ انهن ڪتابن تي ڪم ڪندڙن جي علم ۽ عمل ۾ خوب برڪتون عطا فرمائي ۽ اسان کي انهن ڪتابن جي فيضان سان مالا مال فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

طالبِ غمِ مدينہ و بقيع و بي حساب مغفرت

ابومحمد طاهر عطاري مدني عفي عنه
شعبہ هفتيوار رسالہ مطالعہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# شُڪر جون برڪتون

**دعاءِ عطار:** ياربّ ڪريم! جيڪو بہ 16 صفحن جو رسالو ”شڪر جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي، ان ڪي هر حال ۾ صبر ۽ شڪر ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ ان ڪي ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ جيڪو شخص هن طرح دُرودِ پاڪ پڙهي، ان لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، 329/2، حديث: 30)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”شڪر جا فضائل“ ڪتاب مان ڪجھ اهم ڳالهيون

عظيم تابعي بزرگ حضرتِ امام حَسَن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ الله پاڪ جيستائين چاهيندو آهي پنهنجي نعمت سان ماڻهن ڪي فائدو پهچائيندو رهندو آهي ۽ جڏهن ان جي ناشڪري ڪئي ويندي آهي تہ اهو ان ڪي ئي انهن لاءِ عذاب بڻائي ڇڏيندو آهي. (شڪر جا فضائل، ص 10)

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ همدان جي هڪ شخص ڪي ارشاد فرمايو: بيشڪ نعمت جو تعلق شڪر سان آهي ۽ شڪر جو تعلق نعمتن جي واڌاري سان آهي، اهي ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم آهن.

پوءِ الله پاڪ جي طرف کان نعمتن جو واڌارو ان وقت تائين نٿو رڪجي جيستائين ٻانهي جي طرفان شڪر نہ رڪجي وڃي. (شڪر جا فضائل، ص 11)

## نعمت موت تائين باقي رهندي

حضور نبيِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ ڪنهن ٻانهي کي اهل، مال ۽ اولاد جي صورت ۾ ڪا نعمت عطا ڪري، پوءِ اهو چوي: مَا شَآءَ اللهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ يعني جيڪو الله پاڪ چاهي، نيڪي ڪرڻ جي طاقت ان جي ئي توفيق سان آهي. (يعني شڪر ادا ڪري) تہ اهو ان ۾ موت ڪانسواءِ ڪا بہ آفت نہ ڏسندو. (شعب الايمان، 89/4، حديث: 4369) (شڪر جا فضائل، ص 20)

## شڪر جو بنياد

شڪر جو اَصل هي آهي تہ ماڻهو نعمت جو تصور ۽ ان جو اظهار ڪري ۽ شڪر جي حقيقت هيءَ آهي تہ مُنْعِم (يعني نعمت ڏيڻ واري) جي نعمت جو ان جي تعظيم سان اعتراف ڪري ۽ نفس کي ان جو عادي بڻائي. هتي هڪ باريڪي آهي، اها هيءَ تہ ٻانهو جڏهن الله پاڪ جي نعمتن ۽ ان جي هر طرح جي فضل و ڪرم ۽ احسان جو مطالعو ڪندو آهي تہ ان جي شڪر ۾ مشغول ٿيندو آهي ان سان نعمتون وڌيڪ ٿينديون آهن ۽ ٻانهي جي دل ۾ الله پاڪ جي مَحبّت وڌندي ويندي آهي. هي مقام تمام برتر آهي ۽ ان کان اعليٰ مقام هي آهي تہ مُنْعِم جي محبت ايستائين غالب ٿئي جو قلب کي نعمتن ڏانهن توجہ باقي نہ رهي، هي مَقام صِدّيقن جو آهي. الله پاڪ پنهنجي فضل سان اسان کي شڪر جي توفيق عطا فرمائي. (شڪر جا فضائل، ص 21)

## نعمت تي نعمت

حضرتِ ابو عَقيل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون حضرتِ بڪر بن عبدالله رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو تہ ”ٻانهو جڏهن بہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! چوندو آهي تہ الحمدُ لله چوڻ جي برڪت سان ان لاءِ نعمت لازم ٿي ويندي آهي. مون پڇيو: ان نعمت جو بدلو ڇا آهي؟ (ارشاد فرمايائون:) ان جو بدلو بہ ٻانهي جو الحمدُ لله! چوڻ آهي. پوءِ (اهو چوندي ئي ان وٽ) هڪ ٻي نعمت اچي ويندي، جو تہ الله پاڪ جون نعمتون ختم ناهن ٿينديون. (شڪر جا فضائل، ص 23)

## نعمتن جي ياد سان مَحبّتِ الٰهي ۾ اضافو

حضرتِ ابو سليمان واسطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ جي نعمتن کي ياد ڪرڻ سان دل ۾ ان جي مَحبّت پيدا ٿيندي آهي. (شڪر جا فضائل، ص 28)

## بارگاهِ ربُّ العزّت ۾ حاضري

حضرتِ عبدُ اللّٰه بِن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: بيشڪ اللّٰه پاڪ قيامت جي ڏينهن پنهنجي ٻانهي کي پنهنجي بارگاهه ۾ حاضر ڪري ان کي پنهنجون نعمتون ڳڻائيندو (ايترو بيان ڪرڻ کانپوءِ) حضرتِ عبداللّٰه بِن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تمام گهڻو رنا پوءِ فرمايائون: مان اُميد ڪريان ٿو ته اللّٰه پاڪ ٻانهي کي پنهنجي بارگاهه ۾ حاضر فرمائڻ کانپوءِ عذاب نه ڏيندو.

(شڪر جا فضائل، ص 30)

## خوف جي ڳالهه

اللّٰه پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن تون ڏسين ته اللّٰه پاڪ ٻانهي کي ان جي نافرماني جي باوجود ان جي خواهشن مطابق عطا ڪري رهيو آهي ته اها ان جي طرفان ان کي مهلت آهي.
(مسند احمد، 122/6، حديث: 17313) (شڪر جا فضائل، ص 34)

## حضرتِ داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جو شڪر

حضرتِ داؤد عَلَيْهِ السَّلَام اللّٰه پاڪ جو هن طرح حمد ڪيو: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ حَمْدًا كَمَا يَنْبَغِيْ لِكَرَمِ وَجْهِ رَبِّيْ جَلَّ جَلَالُهٗ“ (يعني اللّٰه پاڪ لاءِ اهڙو حمد آهي جهڙي ان جي عزّت جي شان جي لائق آهي) ته اللّٰه پاڪ سندن طرف وحي فرمائي: اي داؤد! تو فرشتن کي مَشَقّت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. (يعني اهڙو حمد فرشتا به نه ڪري سگهيا). (شڪر جا فضائل، ص 36) (شعب الايمان، 139/4، حديث: 4582 بتغير)

## ذڪرِالٰهي سان زبان تر

حضرتِ موسيٰ ڪليمُ اللّٰه عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي اللّٰه پاڪ! تنهنجو شڪر ڪيئن ادا ڪرڻ گهرجي؟ ارشاد ٿيو: اي موسيٰ! تنهنجي زبان هميشه منهنجي ذڪر سان تر رهي. (شڪر جا فضائل، ص 38)

## افسوس! نافرماني تي بہ انعامن جي بارش

حضرتِ مالڪ بِن دينار رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: اي ابنِ آدم! تو تي منهنجي ڀلائي نازل ٿيندي آهي پر مون وٽ تنهنجو شر پهچندو آهي، مان نعمتن جي ذريعي تو سان مَحبّت جو اظهار ڪريان ٿو ۽ تون منهنجون نافرمانيون ڪري منهنجي ذڪر کان غافل رهين ٿو ۽ عزت وارو فرشتو هميشہ تنهنجو برو عمل ٺي مون وٽ ڪٽي حاضر ٿئي ٿو. (شڪر جا فضائل، ص 39)

## مغفرت جي خوشخبري

❀ فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ ڪنهن ٻانهي کي نعمت عطا فرمائيندو آهي ۽ اهو هن ڳالھ جو يقين ڪري وٺندو آهي تہ هيءَ الله پاڪ جي طرفان آهي تہ الله پاڪ ان لاءِ ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ لکي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن الله پاڪ گناھ تي ٻانهي جي شرمندگي ڏسندو آهي تہ ان جي مغفرت طلب ڪرڻ کان پهريان ئي ان کي بخشي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن ڪو شخص دينار جي عيوض ڪپڙو خريد ڪري پائيندو آهي ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندو آهي تہ ان کان پهريان جو ڪپڙا ان جي گوڏن تائين پهچن، الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي.

(مستدرڪ، 196/2، حديث: 1937 بتغير قليل) (شڪر جا فضائل، ص 41)

## بخشيو ويندو آهي

حضرتِ مُعاوِيَه بِن قُرَّه رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص نئون ڪپڙو پائيندي بِسۡمِ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰه چوي ان کي بخشيو ويندو آهي ۽ جيڪو کاڌو کائيندي بِسۡمِ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰه چوي اهو بہ بخشيو ويندو آهي ۽ جيڪو پاڻي پيئندي بِسۡمِ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰه چوي ان جي بہ مغفرت ڪئي ويندي آهي.

(شڪر جا فضائل، ص 41)

نبيِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي: جڏهن الله پاڪ ڪنهن ٻانهي کي نعمت عطا فرمائيندو آهي تہ ان تي پنهنجي نعمت جو اَثر ڏسڻ پسند فرمائيندو آهي. (معجم ڪبير، 135/18، حديث: 281) (شڪر جا فضائل، ص 43)

## خوف جي ڳالھ

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: اي ابنِ آدم! جڏهن تون هن حال ۾ منهنجي نعمتن ۾ پلجي تہ منهنجي نافرماني ۾ بہ ورتل هجين تہ مون ڪان ڊڄ تہ ڪٿي توکي تنهنجي گناهن جي ڪري هلاڪ نہ ڪري ڇڏيان. اي ابنِ آدم! مون ڪان ڊڄ ۽ جتي چاهين سمهہ. (شعب الايمان، 143/4، حديث: 4535) (شڪر جا فضائل، ص 45)

## شُڪر ادا ڪندڙ ڦُلي (واقعو)

حضرتِ بڪر بن عبدالله رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ مان هڪ ڦُلي (يعني بار کڻندڙ) سان مليس جيڪو وزن کڻي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه ۽ اَسۡتَغۡفِرُ الله چئي رهيو هو. مان ان جي فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. جڏهن ان پنهنجي پٺي تان بار لاٿو تہ مون ان کان پڇيو: ڇا تون ان کان سِوا ڪو ڪم نٿو ڪري سگهين؟ ان چيو: ڇو نہ! مان سٺو ڪم ڪري سگهان ٿو، قرآنِ پاڪ پڙهي سگهان ٿو پر ٻانهو جيئن تہ نعمت ۽ گناهہ جي وچ ۾ رهندو آهي، ان ڪري مان ان جي ڪامل نعمتن تي ان جو شڪر ادا ڪريان ٿو ۽ ان کان پنهنجن گناهن جي معافي گهران ٿو. مون چيو: هتان جو ڦُلي بہ بِڪر بن عبدالله کان وڌيڪ سمجهدار آهي. (شڪر جا فضائل، ص 48)

## پاڻي جو شڪر

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻي نوش فرمائيندا هئا تہ هي ڪلمات چوندا هئا: ''اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ جَعَلَهٗ عَذۡبًا فُرَاتًا بِرَحۡمَتِهٖ وَلَمۡ يَجۡعَلۡهُ مِلۡحًا اُجَاجًا بِذُنُوۡبِنَا'' ترجمو: سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن فقط پنهنجي رحمت سان ان کي (يعني پاڻي کي) مٺو، نهايت مٺو بڻايو ۽ اسان

جي (يعني اُمّت جي) گناهن جي ڪري ان کي ڪارو، نهايت تَلْخ (يعني ڪوڙو) نہ بڻايو.(ڪتاب الدعاء للطبراني، ص 280، حديث: 280) (شڪر جا فضائل، ص 50)

## عافيت ۾ شُڪر

هڪ عالِمِ دِين جو فرمان آهي: مون پنهنجي معاملي ۾ غور ۽ فڪر ڪيو تہ عافيت ۾ شڪر ڪان سواءِ ڪنهن بہ ڀلائي کي شر ڪان خالي نہ ڏٺم. گهڻا ماڻهو مصيبت ۾ بہ شڪر ڪندا رهندا آهن ۽ ڪيترائي ماڻهو عافيت ۾ هجڻ جي باوجود شڪرگذار ناهن هوندا. پوءِ جڏهن توهان خدا ڪان گهرو تہ اهي بئي گهرو. (شڪر جا فضائل، ص 53)

## عيب لڪيل آهن

حضرتِ سفيان ثوري رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: (الله پاڪ جي طرفان ٻانهي جي عيبن جي) پرده پوشي، عافيت جي علامت آهي. (شڪر جا فضائل، ص 53)

## هلاڪت ڪان محفوظ

حضرتِ ابوالعاليه رُفيع بِن مَهْرَان رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي اُمّيد آهي تہ نعمت تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندڙ ۽ گناهہ جي معافي گهرندڙ ٻانهو هلاڪ نہ ٿيندو. (شڪر جا فضائل، ص 57)

## نعمت جو قدر

الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو الله پاڪ جي نعمتن جو قدر ڄاڻڻ چاهي تہ پاڻ ڪان گهٽ نعمت واري کي ڏسي، وڌيڪ واري کي نہ ڏسي. (مسلم، ص 1211، حديث: 7430) (شڪر جا فضائل، ص 58)

## آئينو ڏسي پڙهڻ جي دعا

نبيِ مُڪَرَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن آئيني ۾ پنهنجو رُخِ اَنور ڏسندا هئا تہ هي دُعا پڙهندا هئا: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ سَوّٰی خَلْقِیْ فَعَدَلَهٗ وَكَرَّمَ صُوْرَةَ وَجْهِیْ وَحَسَّنَهَا وَجَعَلَنِیْ مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ“ يعني سڀ تعريفون الله پاڪ لاءِ آهن جنهن درست طريقي سان

منهنجي تخليق فرمائي، منهنجي چهري کي مڪرّم ۽ خوبصورت بڻايو ۽ مون کي مسلمانن ۾ شامل رکيو. (شعب الايمان، 111/4، حديث: 4458) (شڪر جا فضائل، ص 71)

## مصيبت ۾ نعمت

حضرتِ حبيب بن عُبيد رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ ٻانهي کي ڪنهن به مصيبت ۾ مبتلا فرمائيندو آهي ته ان ۾ ان جي نعمت به هوندي آهي ۽ اها هيءَ ته الله پاڪ ان کي ان کان سخت مصيبت ۾ مبتلا نه فرمايو (جڏهن ته جيڪڏهن هو چاهي ها ته ان کان به سخت مصيبت ۾ گرفتار ڪري ها).
(شڪر جا فضائل، ص 76)

## مصيبت اچڻ جو سبب

حضرتِ وَهب بن مُنَبّه رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مصيبت ان ڪري نازل ٿيندي آهي ته جيئن ان جي سبب ٻانهو رب جي بارگاهه ۾ دُعا ڪري. (شڪر جا فضائل، ص 77)

## نعمتن تي شڪر ڪرڻ رب کي پسند آهي

توهان جو رب ان ڳالهه جو وڌيڪ حقدار آهي ته توهان پاڻ کي ان ڳالهه جو عادي بڻايو ته ان جي نعمتن تي ان جو شڪر بجا آڻيو. اهو توهان تي پهريان به احسان ڪندو رهيو آهي ۽ هاڻي به ڪندو. الله پاڪ جو قسم! ان جو شڪر ادا ڪرڻ ٻانهن کي بدلو ڏيڻ کان تمام آسان آهي ڇو ته اهو ٻانهن کان ايتري شڪر تي راضي ٿي ويندو آهي جو اهي ان جو حمد ڪن.
(شڪر جا فضائل، ص 80)

## ايمان تي شُڪرِ الاهي

حضرت احمد رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون حضرتِ ابو معاويه اَسْوَد رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کي عرض ڪيو: اي ابومعاويه! ايمان الله پاڪ جي ڪيتري وڏي نعمت آهي؟ اسان ان کان دُعا ڪندا آهيون ته اهو اسان کان هيءَ نعمت واپس نه وٺي. اُنهن ارشاد فرمايو: نعمت عطا ڪرڻ واري تي حق آهي ته اهو جنهن کي نعمت عطا فرمائي پوري عطا فرمائي. حضرت ِابو معاويه اَسْوَد يمان رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: الله پاڪ سڀ کان وڏو ڪريم آهي جو جيڪا نعمت

عطا فرمائيندو آهي تہ پوري عطا فرمائيندو آهي. ڪو عمل ڪندو آهي تہ قبول فرمائيندو آهي. (شڪر جا فضائل، ص 81)

## هڪ شخص جي برڪت سان سڀني جون حاجتون پوريون

حضرت عبدالرّحمٰن بن زيد بن اسلم رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: اجتماع ۾ (ڪڏهن) هڪ شخص (اهڙو هوندو آهي جو هو) الله پاڪ جو حمد ڪندو آهي تہ تمام اجتماع ۾ شريڪن جون حاجتون پوريون ڪيون وينديون آهن. (شڪر جا فضائل، ص 82)

## سڀ کان ننڍي نعمت

حضرت ابوايوب احمد بن محمد بن جابر قُرَشي رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ حضرتِ داؤد عَلَيۡهِ‌السَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! مون کي پنهنجي سڀ کان ننڍي نعمت جي متعلق خبر ڏي تہ الله پاڪ انهن ڏانهن وحي نازل فرمائي: اي داؤد! ساهہ کڻ، انهن ساهہ کنيو تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو تہ هيءَ تو تي منهنجي سڀ کان ننڍي نعمت آهي. (شڪر جا فضائل، ص 83)

## کاڌي جي نعمتن جو حساب نہ ٿيندو

حضرت تميم بن سَلَمه رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي هي ڳالهہ بيان ڪئي وئي آهي: جڏهن ٻانهو کاڌي جي ابتداء ۾ بِسۡمِ‌الله پڙهي ۽ آخر ۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوي تہ ان کان کاڌي جي نعمتن بابت سوال نہ ٿيندو. (شڪر جا فضائل، ص 89)

## منهنجو شڪر ادا ڪيو وڃي

عظيم تابعي بزرگ حضرتِ حَسَن بَصري رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ الله پاڪ جڏهن حضرتِ آدم عَلَيۡهِ‌السَّلَام کي پيدا ڪيو تہ انهن جي ساڄي پاسي کان جَنّتين کي ۽ کابي پاسي کان دوزخين کي ڪڍيائين ۽ اهي زمين تي هلڻ لڳا. انهن مان ڪجهہ انڌا، ڪجهہ ٻوڙا ۽ ڪجهہ مصيبت زده هئا تہ حضرتِ آدم عَلَيۡهِ‌السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا رب! تو منهنجي اَولاد کي

هڪ جهڙو پيدا نہ فرمايو؟ تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: اي آدم! مان چاهيان ٿو تہ منهنجو شڪر ادا ڪيو وڃي. (شڪر جا فضائل، ص 92)

## آئينو ڏسي پڙهڻ جي هڪ بي دعا

حضرتِ امام محمد باقر رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه فرمائن ٿا: نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن آئينو ڏسندا هئا تہ هي دُعا پڙهندا هئا: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ خَلَقَنِىْ فَاَحْسَنَ خَلْقِىْ وَخُلُقِىْ، وَزَانَ مِنِّىْ مَا شَانَ مِنْ غَيْرِىْ“ ترجمو: سڀ تعريفون الله پاڪ لاءِ آهن جنهن مون کي پيدا ڪيو، منهنجي صورت ۽ منهنجي اخلاق کي بهترين بڻايو ۽ مون کي زينت سان نوازيو جڏهن تہ ٻين کي عيب سان.

(شعب الايمان، 4/111، حديث: 4459) (شڪر جا فضائل، ص 99)

## جهنمين تي بہ احسان

حضرتِ عبدُالله بن قاسم رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه فرمائن ٿا تہ بيشڪ جَهنَّمين تي بہ الله پاڪ جو احسان آهي ۽ اهو هن طرح تہ جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ها تہ انهن کي ان کان بہ سخت عذاب ۾ مبتلا فرمائي ها. (شڪر جا فضائل، ص 101)

## پاڻي پيئندڙ تي شڪر ڪرڻ لازم آهي

سيني مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بي بي عائشه صدّيقه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ جيڪو ٻانهو خالص (ٿڌو ۽ مِٺو) پاڻي پيئي ۽ اهو بغير تڪليف جي (جسم ۾) داخل ٿئي ۽ بغير تڪليف جي ٻاهر بہ نڪري اچي تہ ان تي شڪر لازم آهي. (شڪر جا فضائل، ص 104)

## هڪ عقلمند جو خط

حضرتِ علي بن عبدالرّحمٰن رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ هڪ عقلمند شخص پنهنجي ڀاءُ جي نالي خط لکيو: (جنهن جو مضمون هي آهي) اي منهنجا ڀاءِ! اسان الله پاڪ جي ايتري قدر نعمتن سان صبح ڪريون ٿا جو انهن

ڪي شمار نٿا ڪري سگهون جڏهن ته اسان جون نافرمانيون تمام گهڻيون آهن. اسان نٿا چاهيون ته ڪهڙي ڳالهه تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريون، مسلسل ملندڙ نعمتن تي يا ان ڳالهه تي ته ان اسان جون برايون لڪائي رکيون آهن. (شڪر جا فضائل، ص 105)

## جلد بازي جي معنيٰ

سوچ ويچار ڪانسواءِ ڪو ڪم ڪرڻ "جلد بازي" سڏبو آهي. ان کي عُجْلَت به چئبو آهي. جيڪڏهن انسان پنهنجي ڪمن کي سوچ ويچار ۽ غور و فڪر ڪان پوءِ شروع ڪري ته ان کي تَوَقُّف (يعني ترسڻ) چئبو آهي ۽ ڪم کي روڪي روڪي آرام سان ڪرڻ ته جيئن ڪم بهتر طريقي سان انجام تي پهچي ان کي تَحَمُّل ۽ بُرْدْباري (اَنَاةٌ) چئبو آهي. ٻج کي ٻوٽو، ٻوٽي کي وڻ ۽ وڻ کي ڦل دار ٿيڻ ۾ ٿورو وَقت ته لڳندو آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 11، 12)

## چڱائي کي برائي ۽ برائي کي چڱائي سمجهڻ

جيستائين ڪنهن ڪم ۾ بَصيرت (يعني آگاهي) حاصل نه ٿئي ته ان ۾ جلد بازي نه ڪرڻ گهرجي. ڇو ته جلد بازي ۾ انسان چڱائي کي برائي ۽ برائي کي چڱائي سمجهندو آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 14، 15 ملتقطا)

عربي پهاڪو آهي: ''اِنْ لَّمْ تَسْتَعْجِلْ تَصِلْ'' يعني جيڪڏهن تون جلد بازي نه ڪندين ته پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويندين. (جلد بازي جا نقصان، ص 17)

جيڪو ماڻهو تجربن مان فائدو نه وٺي اهو ڪامياب ناهي ٿي سگهندو.

(جلد بازي جا نقصان، ص 18)

جلد بازي کي اُمُّ النَّدَامَةِ (يعني ندامت جي ماءُ) چيو ويو آهي.

(جلد بازي جا نقصان، ص 18)

## رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ملندڙ جُلندڙ نَماز

حضرتِ امام مالڪ حضرتِ عمربن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِمَا جي پويان نماز پڙهي، انهن کي انهن جي نماز تمام گهڻي پسند آئي ۽ فرمايائون: مون

هن نوجوان کان وڌيڪ رسولِ اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مِلندڙ جُلندڙ نَماز پڙهڻ وارو ڪو بہ نہ ڏٺو. (جلد بازي جا نقصان، ص 28)

بلاشڪ ايتري تجويد جنهن سان تصحيح حُرُوف ٿئي (يعني قواعدِ تجويد مطابق حروف کي درست مَخارج سان ادا ڪري سگهي) ۽ غلط خواني (يعني غلط پڙهڻ) کان بچي فرضِ عين آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 36)

## تراويح ۾ امام کي قراءت ۾ پريشان ڪرڻ

پنهنجو حِفظ ڏيکارڻ لاءِ ٿوري شڪ تي روڪڻ (لقمو ڏيڻ) رِياڪاري آهي. امام کي پريشان ڪرڻ لاءِ بار بار لقمو ڏيڻ حقيقتاً فعلِ يهود ۽ لَاتَسْمَعُوْالِهٰذَاالْقُرْاٰنِ وَالْغَوْافِيْهِ جي حڪم ۾ داخل آهي.

(جلد بازي جا نقصان، ص 42، 43 ملتقطاً و ملخصاً)

## وظائف جي اثر ڪرڻ ۾ شرطون

﴿1﴾ حُسنِ اِعتقاد (يعني پڪو يقين) ﴿2﴾ صبر ۽ تحمل ﴿3﴾ باجماعت نماز جي پابندي. (جلد بازي جا نقصان، ص 55 ملخصاً)

عظيم صحابيه حضرتِ اَسماء بنتِ ابوبڪرصدّيق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهما فرمائن ٿيون: نڪاح ڪرڻ عورت کي ڪنيز بڻائڻ آهي، تنهن ڪري غور ڪرڻ گهرجي تہ هو پنهنجي ڌيءَ کي ڪتي پرڻائي رهيو آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 58)

وڏي ڪوشش جي باوجود ڪنهن شعبي ۾ ڪاميابي نہ ملي تہ ڪنهن سمجهدار اسلامي ڀاء سان مشورو ڪري شعبو تبديل ڪري وٺو.

(جلد بازي جا نقصان، ص 75)

## لذّت جي ڪري گناه ڪرڻ

لذّت جي ڪري گناهہ نہ ڪريو، لذّت ختم ٿي ويندي گناهہ باقي رهجي ويندو ۽ مَشَقّت جي ڪري نيڪي نہ ڇڏيو، مشقت ختم ٿي ويندي نيڪي باقي رهجي ويندي. (جلد بازي جا نقصان، ص 89)

# جاهل جون صفتون

كَثْرَةُالْاِلْتِفاتِ وسُرْعَةُالجَوابِ يعني تمام گهڻو هيڏي هوڏي ڏسڻ ۽ جواب ڏيڻ ۾ جلدي ڪرڻ وارو. (جلد بازي جا نقصان، ص 94)

# اِعتِماد جي فَضا جو خاتِمو

ڪنهن مذهبي تحريڪ سان وابسته فردن ۾ بدگماني اچي وڃي ته نِگران ۽ ماتحت جي وچ ۾ اعتماد جي فضا ختم ٿي ويندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪم ڏسڻ ۾ برو لڳندو آهي پر حقيقت ۾ ائين نه هوندو آهي جو ته ممڪن آهي ته ڪرڻ وارو ان ڪي ويسر ۾ ڪَري رهيو هجي يا ڏسڻ وارو ئي غلطي تي هجي. (جلد بازي جا نقصان، ص 94)

دير سان پهچڻ نه پهچڻ کان بهتر آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 103)

جلد بازي نهيل نڪيل راند بگاڙي ڇڏيندي آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 108)

# اصلاح جو انداز

صحابيِ رسول حضرتِ ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: ماڻهن جي سامهون ڪنهن کي سمجهائڻ ذليل ڪرڻ آهي جڏهن ته اڪيلائي ۾ سمجهائڻ مُزَيّن ڪرڻ (يعني سنوارڻ) آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 108)

# خواهش جو جواب

حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ کان پڇيو ويو مَاتَشْتَهِيْ؟يعني توهان جي ڪهڙي خواهش آهي؟ فرمايائون: مَايَقْضِي الله يعني جيڪو الله پاڪ جو حڪم هجي. (جلد بازي جا نقصان، ص 109)

انسان جي فضل ۽ ڪمال جو جوهر (يعني قابليت) ڳالهائڻ کان پوءِ ئي ظاهر ٿيندو آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 119)

حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪم تدبير (يعني سوچ ويچار) سان اِختيار ڪيو، پوءِ جيڪڏهن ان جي اَنجام ۾ ڀلائي ڏسو ته ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن گمراهي جو خوف ڪريو ته باز رهو. (شرح السنة للبغوي، 545/6، حديث: 3494)

شرحِ حديث: جيڪو ڪم ڪرڻو هجي پهرين ان جو اَنجام سوچيو پوءِ ڪم شروع ڪيو، جيڪڏهن توهان کي ڪنهن ڪم جي اَنجام ۾ ديني يا دنياوي خرابي نظر اچي ته ڪم شروع ئي نه ڪريو ۽ جيڪڏهن شروع ڪري چڪا آهيو ته باز رهو ان کي پورو نه ڪريو.

(مرأة المناجيح، 626/6 ملخصاً) (جلد بازي جا نقصان، ص 128)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اطمينان هر شيءِ ۾ هجي سواءِ آخرت جي ڪم ۾.

(ابوداؤد، 335/4، حديث: 4810) (جلد بازي جا نقصان، ص 136)

شيطان ڪارِ خير (يعني ڀلائي جي ڪم) ۾ دير ڪرائي پوءِ ان ڪان روڪي ڇڏيندو آهي. (جلد بازي جا نقصان، ص 136)

جَنابَت (يعني غسل فرض ٿيڻ) جي حالت ۾ گهڻ ۾ گهٽ وضو ڪري سمهو.[1] حديث پاڪ آهي: جنهن گهر ۾ جنبي (بي غُسلو) هجي اتي رحمت جا فرشتا نه ايندا آهن. (ابوداؤد، 109/1، حديث: 227) (جلد بازي جا نقصان، ص 146)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: توبہ ۾ دير کان بچو ڇو ته موت جلدي اچي ويندو آهي. (الترغيب والترهيب، 48/4، رقم: 18) (جلد بازي جا نقصان، ص 147)

## ڪنهن جي اِصلاح ۾ دير نه ڪريو

ڪنهن کي بُرائي ۾ مُبتَلا ڏسي اَحسن انداز ۾ نَرمي ۽ شفقت سان ان جي اِصلاح ۾ دير نه ڪيو. (جلد بازي جا نقصان، ص 155)

---

[1] بهار شريعت ۾ آهي: جنهن تي غسل واجب هجي، ان کي گهرجي ته وهنجڻ ۾ دير نه ڪري. پر جيڪڏهن ايتري دير ڪري چڪو جو نماز جو آخري وقت اچي ويو ته هاڻي فوراً وهنجڻ (غسل ڪرڻ) فرض آهي، هاڻي دير ڪندو ته گنهگار ٿيندو.


(وڌيڪ تفصيل لاءِ بهارِ شريعت جلد 1، حصو: 2، صفحو 325 جو مطالعو ڪريو)

جيڪڏهن نمازِ جمعہ کان پھريان جنازو تيار ٿي وڃي تہ گهٽي جماعت جو انتظار نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ جنازو پڙهي ونجي. (جلد بازي جا نقصان، ص 156)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فيضان مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net